# غفلت جو انجام



1st-March-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غفلت جو انجام

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جُمعي جي ڏينهن ۽ رات ۾ سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سو(100)حاجتون پوريون ڪندو، ستَّر(70) آخرت جون ۽ ٽيهہ (30) دُنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ ملائڪ مُقرَّر ڪندو، جيڪو ان دُرودِ پاڪ کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو، جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وِصال کان بعد اهڙو ئي هوندو جيئن منهنجي حياتي ۾ آهي. (جمع الجوامع للسيوطي، ۱۹۹/۷،حديث:۲۲۳۵۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوااللّٰه , تُوبُوا اِلَي اللّٰه! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غفلت جو انجام

ڪوفي جا قاضي محمد بن غسّان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: قرباني واري عيد ڏينهن آئون پنهنجي ماءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته مون اتي ڦاٽل پراڻا ڪپڙا پاتل هڪ پوڙهي ڪي ڏٺو. مون ڪي ان جي ڳالهائڻ جو انداز ڏاڍو سٺو لڳو، مون پنهنجي ماءُ کان پڇيو: هي عورت ڪير آهي؟ فرمايائون: هي تنهنجي ماسي عانيه آهي، جيڪا هارون رشيد جي وزير جعفر بن يحيٰي برمڪي جي ماءُ آهي. مون انهن ڪي سلام ڪيو ته انهن منهنجي سلام جو جواب ڏنو، مون انهن جي خيريّت پڇي، پوءِ پڇيو: اوهان جي اها حالت ڇا جي ڪري ٿي آهي؟ ته انهن فرمايو: پٽ اسان غفلت ۾ زندگي گذاري، وقت ضايع ڪرڻ ۾ لڳا

رهياسين تہ زمانو اسان کان رُسي ويو. مون چيو: پنهنجي شان ۽ شوڪت جو ڪو واقعو ٻڌايو، چوڻ لڳيون چونہ! هڪ ننڍڙو واقعو ٻڌايان ٿي ان مان منهنجي شان ۽ شوڪت جو اندازو لڳائي ونجان، اڄ کان ٿي سال اڳ قرباني جي عيد جي موقعي تي مون وٽ چار سؤ پوتيون هيون. منهنجي پٽ رسم جي طور تي مون وٽ هڪ هزار چار سؤ ٻڪرن ۽ ٿي سؤ ڏڳن جون منڍيون موڪليائين، زيور ۽ ڪپڙا وغيره ان کان علاوه هئا. ان جي باوجود منهنجو هي خيال هو تہ منهنجو پٽ نافرمان آهي ۽ اڄ هي حال آهي جو آئون توهان وٽ ٻن ٻڪرين جون کلون ونڻ آئي آهيان تہ جيئن انهن مان ڪپڙا ٺاهيان. قاضي صاحب فرمائن ٿا: انهن جي زوال جي داستان ٻڌي آئون ڏاڍو غمگين ٿيس ۽ منهنجي اکين مان لُڙڪ جاري ٿي ويا، ان وقت مون وٽ جيڪي دينار هئا مون انهن کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيا. (بَحْرُالدُّمُوْعِ، الفصل السادس عشر،في ذهاب اللذة ۔۔الخ، ص١٠٥)

نہیں درکار وہ خوشیاں، جو غفلت کا بنیں ساماں
عطا کر اپنی اُلفت اپنے پیارے کا تُو غم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غفلت جا سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي جيڪو شخص دُنيوي نعمتن سان دل لڳائي ٿو اهو پنهنجي آخرت جي باري ۾ غفلت جو شِڪار ٿي ئي ويندو آهي. غفلت ٻانهي کي گناهن تي دلير ڪندي آهي. غفلت ٻانهي کي نيڪين کان پري ڪندي آهي. غفلت (Carelessness) ربُّ العزّت جي ناراضي جو سبب بڻجندي آهي. الله پاڪ اسان کي دنيا ۾ بي شمار نعمتون عطا ڪيون آهن، سنو واپار ۽ ملازمت الله پاڪ جي نعمت آهي . عاليشان گھر ۽ ان ۾ ڪوڙ سهولتون نعمت آهن. عمده سواري بہ عظيم نعمت آهي. ماءُ پيءُ جي لاءِ اولاد بہ نعمت آهي پر ياد رکو! ڪنهن بہ دنياوي نعمت ۾ ضرورت کان وڌيڪ مشغوليت غفلت ۽ نُقصان جو سبب آهي.

جيئن تہ سيپارو 28، سُوْرَة الْمُنافِقُوْن آيت نمبر 9 ۾ ارشادِ خُداوندي آهي :

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۹﴾

**ترجموڪنزالايمان**: اي ايمان وارو! توهان کي غافل نہ ڪري توهان جو مال نہ توهان جو اولاد نہ ئي ڪا ٻي شيءِ الله جي ذڪر کان ۽ جيڪو ائين ڪندو پوءِ اهي ئي ماڻهو نقصان ۾ آهن.

هن آيت سڳوري ۾ ايمان وارن کي نصيحت ڪئي پئي وڃي تہ اي ايمان وارو! منافقن وانگر توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد توهان کي الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل نہ ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو جو دنيا ۾ مشغول ٿي دين کي وساريندو، مال جي مَحبَّت ۾ پنهنجي حال جي پرواهہ نہ ڪندو ۽ اولاد جي خوشي جي لاءِ آخرت جي راحت کان غافل ٿيندو تہ اهڙا ماڻهو ئي نقصان کڻڻ وارا آهن، ڇوتہ انهن فاني دنيا جي پويان آخرت جي گهر جي باقي رهڻ وارين نعمتن جي پرواهہ ناهي ڪئي.

(خازن، المنافقون، تحت الآية: ۹، ۲۷۴/۴، مدارک، المنافقون، تحت الآية: ۹، ص۱۲۴۵، ملتقطاً)

افسوس صدا فسوس! اڄ مسلمانن جي عملي حالت تمام خراب ٿيندي پئي وڃي. وڌيڪ مال جي ڌُن ۾ مگن ۽ مال گڏ ڪرڻ خاطِر اسان مختلِف ملڪن جو سفر تہ ڪيون ٿا پرڪجهہ قدمن جي فاصلي تي مسجِد جي حاضِري کان لهرايون ٿا، پنهنجي گهرن جي ڊيڪوريشن (Decoration) تي پاڻي وانگر پيسو لڳايون ٿا پر راهہ خدا ۾ خَرچ ڪرڻ کان پاسو ڪيون ٿا، ايستائين جو ڪي ماڻهو فرض هئڻ جي باوجود زڪوٰة جي ادائيگي بہ نٿا ڪن، دولت ۾اِضافي جي لاءِ مختلف انداز تہ اختيار ڪيا ويندا آهن،پر نيڪين ۾ بَرڪت جي معاملي ۾ سستي سان ڪم ونون ٿا. ياد رکو! اڃا وقت آهي غفلت مان بيدار ٿي هڪدم توبہ ڪري وٺڻ گهرجي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو موت اوچتو اچي روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ ڪمري مان آرام واري بستري تان ڪڍي ڪيڙن ماڪوڙن سان ڀريل خوفناڪ

www.dawateislami.net

انڌيري قبر ۾ سمهاري ڇڏي پوءِ اهي رڙيون ڪندا رهجي وڃن ته اي مالڪ! مون کي ٻيهر دنيا ۾ موڪل ته جيئن اتي وڃي تنهنجي عبادت ڪريان، پنهنجي سموري دولت تنهنجي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيندس. پنجئي نمازون تڪبيرِ اُوليٰ سان باجماعت ادا ڪندس، ياد رکو! ان وقت جون رڙيون ۽ دانهون ڪوئي فائدو نه ڏينديون جوته قرآن ڪريم اڳ ۾ ئي خبردار ڪري چڪو آهي جيئن 28 سيپاري سورةُ المنافِقون جي آيت 10 ۽ 11 ۾ ارشاد آهي:

وَ اَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْ لَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَ لَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ڪجهه خرچ ڪيو اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي پوءِ چوي اي منهنجا رب! تو مون کي ٿوري مدت تائين ڇو نه مهلت ڏني مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪن مان ٿيان ها۽ اللّٰه هرگز ڪنهن به جان کي مهلت نه ڏيندو جڏهن ان جو وقت اچي وڃي ۽ اللّٰه کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته موت جي وقت انسان غفلت مان بيدار ٿي ويندو آهي ۽ هو ان وقت گهڻو افسوس ڪندو ته ڪاش! مون کي ٿوري مهلت ملي وڃي ها ۽ مان نيڪ عمل ڪيان ها، ڪاش مان پنهنجي زندگي کي غفلت ۾ نه گذاريان ها، ڪاش! مان ربِ ڪريم کي راضي ڪري وٺان ها پر ان وقت پڇتائڻ مان ڪو فائدو نه ٿيندو. تنهنڪري عَقل مند (Wise) اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي زندگي ۾ غفلت مان بيدار ٿي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪري وٺي ۽ سُنّتن جو مَدَني چراغ قبر ۾ کڻي وڃي ۽ ائين قبر جي روشني جو اِنتِظام ڪري وٺي نه ته اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضي جي صُورت ۾ حَسرت ۽ شرمساري جي علاوه ٻيو ڪجهه نه ورندو.

## مال ورهائڻ جي به مهلت نه ملي

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 417 صَفحن

www.dawateislami.net

تي مُشتَمِل ڪتاب ”اِحياءُ العُلُوم جو خُلاصَہ“ صَفحي 389 تي آهي تہ حضرت سَيدُنا ابُو بَڪر بن عَبدُالله مُزنِي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: بَنِي اِسرَائِيل مان هڪ شخص مال گڏ ڪيو. جڏهن ان جي مَوت جو وَقت قريب آيو تہ پٽن کي چوڻ لڳو: مون کي منهنجو مُختَلِف مال ڏيکاريو، ان وٽ تمام گهڻا گهوڙا، اُٺ ۽ غُلام آندا ويا. جڏهن ان انهن ڏانهن ڏٺو تہ حَسرَت مان روئڻ لڳو. مَلَڪ المَوت عَلَيه السَّلَام ان کي روئيندي ڏٺو تہ چيائون: ڇو روئي رهيا آهيو؟ ان ذات جو قسم! جنهن تو کي اهو سڀ ڪجهہ ڏنو آهي! جيستائين مان تنهنجي رُوح ۽ بَدَن کي هڪ ٻئي کان جدا نہ ڪيان هتان ڪان نہ ويندس، ان چيو: مون کي ڪجهہ مُهلَت ڏيو تہ مان هن مال کي ورهائي ونان. فِرِشتي چيو: هاڻي تو کي مُهلَت نہ ملندي، تو اهو ڪم پنهنجي مَوت جي اچڻ کان پهريان ڇو نہ ڪيو. پوءِ مَلَڪ المَوت عَلَيه السَّلَام اُن جو رُوح قَبض ڪري ورتو.

بے وفا دُنیا پہ مَت کر اِعتبار — تُو اَچانک مَوت کا ہوگا شکار
مَوت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ! — جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
تیری طاقت تیرا فَن عُہدہ تِرا — کچھ نہ کام آئے گا سَرمایہ تِرا
کرلے تَوبَہ رَبّ کی رَحمت ہے بڑی — قَبر میں ورنہ سَزا ہوگی کڑی

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انوکي شرمساري

حُجَّةُالاِسلام حضرت سَيدُنا امام محمدغزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت سيّدنا شيخ ابو علي دَقّاق رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايو تہ هڪ تمام وڏو وليُّ الله رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه سخت بيمار هو، مان ان جي عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس، ان جي شاگردن جو چوڌاري هُجُوم کي وينل ڏٺو، اهو بزرگ روئي رهيو هو، مون عرض ڪيو: سائين! ڇا دنيا کي ڇڏڻ تي روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: نہ بلڪ نمازون قضا

ٿيڻ تي روئي رهيو آهيان، مون عرض ڪيو: سائين! توهان تہ عبادت گذار شخص هئا اوهان جون نمازون ڪيئن قضا ٿيون؟ فرمايائين: مون جڏهن بہ سجدو ڪيو تہ **غفلت** سان ۽ جڏهن سجدي مان مٿو ڪنيو تہ **غفلت** سان ۽ هاڻي **غفلت** ۾ ئي موت اچي رهيو آهي. (مكاشفة القلوب ، ص٢٢)

## صرف دعويٰ بي ڪار آهي :

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هر لمحو يادِ الٰهي ۾ گذارڻ ۽ هر گهڙي فڪرِ آخرت ۾ مشغول رهڻ جي باوجود بہ پنهنجي عبادت ۽ رياضت کي ڪجهہ بہ نہ سمجهندا هئا ۽ الله ڪريم جي بي نيازي کان ڊڄندي آهہ زاري ڪندا هئا پر اسان غفلت جي مارين جو حال هي آهي جو ڦهريان تہ نيڪيون ڪيون نٿا ۽ جيڪڏهن ڪو نيڪ ڪم ڪري بہ ورتو تہ جيستائين چئن ماڻهن اڳيان پنهنجي نيڪ نامي جي ڏاڪ نہ ويهاريون چين ناهي ايندو، الله ڪريم جا نيڪ ٻانها گناهن کان محفوظ هئڻ جي باوجود هر وقت ان جي خوف کان ڏڪندا ۽ ڳوڙها ڳاڙيندا هئا پر اسان غفلت ۾ ڀريل ڏينهن رات بي خوف گناهن ۾ مشغول رهڻ جي باوجود بہ ٿورو بہ نٿا ڊڄون ۽ ڳالهيون اهڙيون ڪيون ٿا جو اسان جهڙو ڪو نيڪ نہ آهي. اسان کي هن غفلت مان بيدار ڪرڻ جي لاءِ حضرت سَيدنا شقيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: ماڻهو ٽي ڳالهيون صرف زباني ڪن ٿا پر اهي عمل ان جي ابتڙ ڪندا آهن: (1) چون ٿا تہ اسان الله پاڪ جا ٻانها آهيون پر ڪم غلامن جهڙو نہ آهي بلڪ آزادن وانگر پنهنجي مرضي جا ڪندا آهن. (2) چون ٿا تہ الله پاڪ ئي اسان کي رزق ڏي ٿو پر انهن جي دل دنيا ۽ دنياوي مال ميڙڻ بنا مطمئن نٿي ٿئي ۽ اهو انهن جي اقرار جي بلڪل خلاف آهي. (3) چون ٿا تہ آخر اسان کي مرڻو آهي پر ڪم اهڙا ڪن ٿا جو جيئن انهن کي ڪڏهن مرڻو ئي نہ آهي.

(مكاشفة القلوب ،ص٤٥،ملخصا )

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن　　قبر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن　　اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے　　کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ واقعي اسان جي حالت اها ٿيندي پئي وڃي جو اسان دنيا ڪمائڻ جي لاءِ ته گهڻي ڪوشش ڪيون ٿا پر فڪرِ آخرت کان غافل رهون ٿا، ڏينهن رات مالدار ٿيڻ جا سنهرا خواب ته ڏسون ٿا، بهترين گاڏين ۾ گهمڻ، نئوان نئوان فيشن اپنائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪريون ٿا پر اسان اهو وساري ويهون ٿا ته هڪ ڏينهن اسان کي مرڻو به پوندو ۽ هن پُر رونق ۽ وسندڙ دنيا کي ڇڏي خالي هٿين هتان کان وڃڻو پوندو. پر اسان مان ڪنهن کي معلوم ناهي ته اسان جو موت ڪڏهن ايندو، اڄ جو ڏينهن اسان جي زِندگي جو آخري ڏينهن ٿيندو يا ايندڙ رات اسان جي زِندگي جي آخري رات ٿيندي، بلڪ اسان وٽ ته ان جي به ضَمانت نه آهي ته هڪ ڪان بعد ٻيو ساهه کڻي به سگهنداسين يا نه؟ ممڪن آهي جيڪي ساهه اسان کڻي رهيا آهيون، اهي ئي آخري هجن ٻيو ساهه کڻڻ جي نوبت ئي نه اچي. هر ڏينهن اهي خبرون اسان کي ٻڌڻ جي لاءِ ملنديون آهن ته فُلاڻو شخص بلڪل نيڪ ناڪ هو، ان کي بظاهر ڪو مَرض به نه هو، پر اوچتو دل جو دورو پوڻ جي ڪري ڪجهه ئي گهڙين ۾ موت جي وادي ۾ هليو ويو، اچو! پاڻ کي غفلت مان جاڳائڻ جي لاءِ به عبرت ناڪ واقعا ٻڌون ٿا، اي ڪاش!اسان گناهن کان سچي ۽ پڪي توبهه ڪري نيڪين ۾ مشغول ٿي وڃون.

## (1) سيلاب ۾ غرق ٿي ويو

منقول آهي هڪ شخص سيلاب (Flood) اچڻ واري هنڌ پنهنجو گهر ٺاهيو هو.

www.dawateislami.net

جڏهن ان کي چيو ويو تہ هي نهايت خطرناڪ مقام آهي هتان ڪان پري هليو وڃ، تہ ان چيو: مون کي خبر آهي تہ اهو هنڌ خطرناڪ آهي پر ان جي خُوبصورتي ۽ شادابي مون کي تَعَجُّب ۾ وڌو آهي. ان کي چيو ويو تہ تمام رونقون ۽ خُوبصورتيون زندگي سان گڏ آهن، تنهنڪري پنهنجي جان جي حفاظت ڪر، پنهنجو پاڻ کي خطري ۾ نہ وجهہ. ان چيائين: مان اهو گهر هرگز نہ ڇڏيندس. پوءِ هڪ رات ننڊ جي حالت ۾ ان کي سيلاب اچي ورتو ۽ هو غرق ٿي مري ويو. (عيون الحكايات،ص۴۴۶)

## (2) شادي جا ارمان خاڪ ۾ ملي ويا

سردارآباد (فيصل آباد) جي ميڊيڪل ڪاليج جي فائنل ائير (final year) جو هڪ تمام ذهين شاگرد پنهنجي دوستن سان گڏ پڪنڪ لاءِ نڪتو. پڪنڪ پوائنٽ تي پهچي ان جو دوست نديءَ ۾ ترڻ لاءِ لٿو پر ٻُڏڻ لڳو، مستقبل جي ڊاڪٽر ان کي بچائڻ جي ارادي سان جذبات ۾ اچي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو، هو تارو تہ هيو ئي نہ تنهنڪري پاڻ بہ ڦاسي پيو. قسمت جي ڳالهہ جو ان جو دوست تہ جيئن تيئن ڪري نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر آهہ! مستقبل جو ڊاڪٽر ويچارو ٻُڏي موت جي منهن ۾ هليو ويو. روح راڙو ٿي ويو، پيءُ ماءُ جي پوڙهائپ جو سهارو پاڻيءَ جي موجن جي حوالي ٿي ويو، ماءُ پيءُ جا خوبصورت سپنا پورا نہ ٿي سگهيا ۽ اهو ويچارو ذهين شاگرد **M.B.B.S** جي فائنل امتحان جو نتيجو هٿ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي قبر جي امتحان ۾ مبتلا ٿي ويو.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيو ۽ فکرِ آخرت پيدا ڪريو ۽ مرڻ کان پهريان موت جي تياري ڪريو. جيڪڏهن اسان اڃان ئي دنيا جي رونقن ۾ مست رهياسين ۽ اوچتو ڪنهن مهلڪ(يعني هلاڪ ڪندڙ) بيماري ۾ مبتلا ٿي، ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي يا اوچتو ئي اسان جا پساهه رُڪجي ويا ۽ اسان موت جو شڪار ٿي وياسين ته پوءِ سواءِ پڇتائڻ جي ڪجهه نه ملندو. پنهنجي دل ۽ دماغ مان اها خوش فهمي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ته اڃا منهنجي عمر ئي ڇا آهي، ڇڱو ڀلو صحت مند انسان آهيان، اڃا ته گهڻي زندگي پئي آهي آخري عمر ۾ نيڪيون ڪندس. ياد رکو! موت صرف پوڙهائپ يا بيماريءَ ۾ ئي ناهي ايندو بلڪ ڇڱو ڀلو صحت مند کلندڙ ڪُڏندڙ نوجوان به اوچتو موت جو شڪار ٿي اونداهي قبر ۾ هليا ويندا آهن. هن دنيا جي حيثيت هڪ گذر گاهه (يعني رستي) جيان آهي، جنهن کي طئي ڪرڻ کان بعد ئي اسان منزل تائين پهچي سگهون ٿا، هاڻي اها منزل جنّت هوندي يا جهنّم! ان جو دارومدار هن ڳالهه تي آهي ته اسان اهو سفر ڪهڙي طرح طئي ڪيو! الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اِطاعت گذار بڻجي يا مَعَاذَاللهِ نافرمان بڻجي؟ افسوس آهي ان تي جيڪي دنيا جون رنگينيون ڏسڻ جي باوُجُود به ان جي ڌوڪي ۾ مُبتَلا رهيا ۽ موت کان بلڪل غافِل ٿي ويا.

## دنيا فاني ۽ آخِرت باقي آهي

اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرتِ سيِّدُنا عثمانِ غنيرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جن پنهنجو سڀ کان آخري خطبو جيڪو ارشاد فرمايو ان ۾ هي به آهي: **الله تعاليٰ** توهان کي دنيا صرف ان لاءِ عطا ڪئي آهي ته توهان ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪيو. ان لاءِ عطا ناهي فرمائي ته توهان ان ”دنيا“ جا ئي بڻجي وڃو، بيشڪ دنيا فاني ۽ آخرت باقي آهي. توهان کي فاني (دنيا) ڪٿي ورغلائي ڪري باقي(آخرت) کان غافل نه ڪري ڇڏي، فنا ٿيڻ واري دنيا کي باقي رهڻ واري آخرت تي ترجيح نه ڏيو ڇو ته دنيا منقطع ٿيڻ واري آهي ۽ بيشڪ **الله تعاليٰ** ڏانهن واپس موٽڻو آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ڇو ته ان جو خوف ان جي عذاب جي لاءِ (آڙ ۽) ڍال ۽

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي.
(موسوعة ابن ابي الدنيا،كتاب ذم الدنيا،٨٣/٥، حديث:١٤٦،ملخصا)

چند روزہ ہے یہ دُنیا کی بَہار
دِل لگا اِس سے نہ غافِل ذی نہار

عُمر اپنی یُوں نہ غفلت میں گُزار
ہوشیار اے محوِ غفلت ہوشیار

ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي زِندگي جي هڪ هڪ گهڙي گهڻي قيمتي آهي ۽ اسان جي زِندگي هر لمحي تيزي سان گهٽجندي پئي وڃي. تنهنڪري عقلمندي جو ثبوت ڏيندي هن فاني دُنيا جي ڌوڪي ۾ مبتلا ٿي ڪري سون ۽ جَوَاهرات کان وڌيڪ قيمتي لَمحن جي ناقدري ڪرڻ بدران تَقويٰ ۽ پرهيزگاري اپنايو، پنهنجي ڏينهن رات کي فُضُولِيات ۽ دُنيوِي عَيش عشرت ۾ برباد نه ڪريو، شريعت جن ڪمن جو حُڪم ڏنو آهي ان جي ادائيگي ۾ سُستي نه ڪريو ۽ جن کان منع ڪيو آهي اُن کان رڪڻ ۾ گهڙي ڪن جي به دير نه ڪريو. اسان کي قرآن ۽ حديث ۾ نماز جو حڪم ڏنو ويو آهي پر اسان غَفلت جي سبب نماز نٿا پڙهون حالانڪ نماز حُقُوقُ الله مان اِنتهائي اَهم فريضو آهي. نماز دين جو ٿنڀو آهي. نمازسان گُناهه مُعاف ٿين ٿا، نماز بيمارين کان بچائي ٿي، نماز دُعائن جي قبوليت جو سبب آهي ۽ جاڻي واڻي نماز ڇڏڻ واري جو نالو جهنّم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي. شريعت اسان کي صاحبِ نصاب هئڻ جي صورت ۾ سڄي سال ۾ هڪ ڀيرو پنهنجي مال جي زڪوٰة ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي، اسان صرف مال ڪمائڻ ۾ ته مشغول آهيون پر ان جو حق ادا ڪرڻ کان غافل آهيون حالانڪ زڪوٰة ڏيڻ سان مال ۾ برڪت ٿيندي آهي، زڪوٰة ڏيڻ سان گهر ۾ امن ۽ سڪون ٿيندو آهي، زڪوٰة ڏيڻ

www.dawateislami.net

واري تي رحمتِ الٰهي جي چماچم برسات ٿيندي آهي، زڪوٰة ڏيڻ سان مصيبتون پري ٿينديون آهن، جيئن ته فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪئي، ته الله پاڪ ان کان شر کي پري ڪري ڇڏيو. (المعجم الاوسط،باب الالف من اسمه احمد، الحديث ، ۱۵۷۹،ج۱،ص۴۳۱) شريعت اسان کي سال ۾ هڪ ڀيرو رمضان جا روزا رکڻ جو حڪم ڏنو پر ڪجھ نادان غفلت کان ڪم وٺندا آهن ۽ روزو ڇڏڻ سان گڏوگڏ سرعام کائيندي پيئندي ٿورو به شرم نٿا ڪن، ياد رکو! روزو رکڻ ۾ جتي شريعت جي فرمانبرداري آهي اتي ان جا ڪوڙ طبي فائدا به آهن. مثال طور روزو رکڻ سان معدي جو تڪليفون ۽ ان جون بيماريون نيڪ ٿي وينديون آهن ۽ هاضمي وارو نظام بهتر ٿيندو آهي. روزو شوگر ليول، ڪوليسٽرول ۽ بلڊ پريشر ۾ اِعتدال آڻي ٿو ۽ ان جي ڪري دل جو دورو پوڻ جو خطرو ناهي رهندو. روزي جي دوران رت جي مقدار ۾ ڪمي اچي ويندي آهي ۽ ان جي ڪري دل کي انتهائي فائدي مند آرام پهچندو آهي. روزي سان جسماني چڪ، ذهني دباؤ، ڊپريشن ۽ نفسياتي بيمارين جو خاتمو ٿيندو آهي. روزو رکڻ سان موٽاپي ۾ ڪمي واقع ٿيندي آهي ۽ اضافي چربي ختم ٿي ويندي آهي. روزو رکڻ سان بي اولاد عورتن کي اولاد ٿيڻ جا امڪان (Possibilities) ڪيئي گنا وڌي ويندا آهن. (صراط الجنان،۱/۲۹۳)

روزي بابت تفصيلي احڪام ۽ فضائل ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اميراهلسنت جي مايه ناز تصنيف فيضانِ رمضان (مرمم) جو مطالعو گهڻو فائديمند رهندو. ان جي علاوه شريعت جن ڪمن جو حڪم ڏنو انهن بابت فضائل ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو ڪتاب "جنت ميں لے جانے والے اعمال " ۽ جن ڪمن کان بچڻ جو حڪم ڏنو ان جون تباهه ڪاريون ڄاڻڻ جي لاءِ "جهنم ميں لے جانے والے اعمال " جو مطالعو ڪريو.

مختصر سی زندگی ہے بھائیو! نیکیاں کیجئے نہ غفلت کیجئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دورو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي نہ صرف پاڻ پنهنجي زندگي رَبّ ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذارڻ گهرجي بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن ۾ فڪرِ آخرت پيدا ڪرڻ جي لاءِ انهن کي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪرڻ گهرجي ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ گهرجي. 12مدني ڪمن مان هڪ هفتيوار مدني ڪم ”مدني دورو“ بہ آهي جنهن جي ذريعي گهرگهر، دڪان دُڪان ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي، نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ اهڙو اَهمّ فَريضو آهي جو سيني ئي اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بلڪ خُود سيدُالانبياء، محبوبِ ڪبريا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بہ انهيءَ مَقصَد جي لاءِ دُنيا ۾ موڪليو ويو، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ڪم جا بي شمار ديني ۽ دنيوي فائدا (Benefits) آهن ✤ مدني دوري جي برڪت سان پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري سنت تي عمل ٿيندو آهي. ✤ مدني دوري جي برڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ سلام جي سُنّت عام ٿيندي آهي. ✤ مدني دوري جي برڪت سان علمِ دِين ۽ نيڪي جي دعوت سان مالامال قِيمتي مدني گل اُمّتِ مسلمه تائين پهچايا ويندا آهن. ✤ مدني دوري جي برڪت سان بي نمازين کي نمازي بنائڻ ۾ گهڻي مددحاصل ٿيندي آهي. ✤ مدني دوري جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي آهي ۽ جيڪي اسلامي ڀائر مدني دوري ۾ شرڪت ڪن ٿا، اَميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن کي ائين دعائن سان نوازيندا رهندا آهن.

جو نیکی کی دعوت کی دُھومیں مچائے

میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ

اچو! تَرغِيب لاءِ مدني دوري جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني دورو ڪرڻ جي نِيت ڪريو. جيئن

www.dawateislami.net

## مسجد آباد ٿي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ، اسان جو مدني قافلو پنجاب جي شهر جي هڪ مسجد ۾ پهتو، دروازي تي تالو لڳل هيو، ڪوشش ڪري چابي حاصل ڪري دروازو کوليو ويو تہ هر شيءِ مٽيءَ سان ڀريل هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ ڪافي عرصي کان مسجد بند پئي آهي. اسان سيني گڏجي صفائي ڪئي، نماز عصر کان پوءِ مدني دوري جي لاءِ راند جي ميدان ۾ پهتاسين جتي راند ۾ مشغول نوجوانن کي نيڪي جي دعوت ڏني. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪيئي نوجوان هٿو هٿ اسان سان گڏ هلڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا، مسجد اچي اسان سان گڏ نمازون پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريا بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪيائون، اسان جي انفرادي ڪوشش تي انهن ان مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيّت ڪئي، اهو منظر ڏسي اتي موجود 70 ورهين جو هڪ بزرگ روئيندي فرمائڻ لڳو، مان تہ ماڻهن کي مسجد آباد ڪرڻ جي لاءِ گهڻو چوندو رهندو هئس پر منهنجي ڪو بہ نہ ٻڌندو هو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ عاشقانِ رسول جي مدني دوري جي برڪت سان اسان جي مسجد آباد ٿي وئي آهي.

نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے
بنا شائقِ قافلِہ یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سون جي سِر

روايت آهي، هڪ شخص کي ڪتان کان **سون جي سر** هٿ اچي وئي. هو دولت جي محبت ۾ مست ٿي، سڄي رات مختلف منصوبا ٺاهيندو رهيو تہ هاڻي مان سنا سنا ڪاڏا ڪائيندس، بهترين ڪپڙا سبرائيندس ۽ ڪوڙ سارا نوڪر چاڪر رکندس، **مقصد** تہ مالدار بڻجي وڃڻ جي ڪري راحتن ۽ آسائشن جي خيالن ۾ گم ٿي، اُن رات ربّ عَزَّوَجَلَّ کان بلڪل **غافل** ٿي ويو. صبح جو انهيءَ مال جي ڌُن

۾ مگن تي گهران نڪتو، اتفاقًا قبرستان وٽان سندس گذر ٿيو، ڇا ٿو ڏسي ته هڪ شخص سِرون ناهڻ لاءِ هڪ قبر تي مٽي ڳوهي رهيو آهي، اهو منظر ڏسي يڪدم ان جي اکين تان **غفلت** جو پردو هٽي ويو ۽ انهيءَ تصّور سان سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ته شايد مرڻ کان پوءِ منهنجي قبر جي مٽيءَ مان به ماڻهو سِرون ناهيندا. آهه! منهنجا عاليشان گهر ۽ عمدا لباس وغيره ائين ئي رهجي ويندا، تنهنڪري سون جي سر سان دل لڳائڻ ته زندگي کي سراسر **غفلت** ۾ وڃائڻ آهي، ها جيڪڏهن دل لڳائڻي ئي آهي ته مون کي پنهنجي پياري پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ سان لڳائڻ گهرجي، پوءِ هن سون جي سِر کي ڇڏي زُهد ۽ قناعت اختيار ڪئي. ( رسالو غفلت ،)

گو پيشِ نظر قبر کا پُرھول گڑھا ہے
افسوس! مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي مال ۽ دولت اهڙي شيءَ آهي جيڪا انسان کي رَبّ ڪريم کان غافل ڪندي آهي. هن حڪايت ۾ هر وقت مال ۽ دولت جي حِرص (Greed) ۾مبتلا رهڻ وارن، مال گڏ ڪرڻ جي هوس ۾ حلال ۽ حرام جي تميز وسارڻ وارن ۽ صِرف مال ۽ دولت ۾ زندگي جو سُڪون تلاش ڪرڻ وارن جي لاءِ عِبرت ئي عِبرت آهي. ياد رکو! دولت سان دوا ته خريدي سگهجي ٿي پر شِفا نه. دولت سان دوست ته ملي ويندا پر وفا نه. دولت جي ڪري سٺي زندگي ته گذاري سگهجي ٿي پر ان جي ذريعي موت کي ٽَڙو ٽاري سگهجي. دولت سان شُهرت ته حاصِل ڪري سگهجي ٿي پر عزّت نه. دولت سان سٺا گهر، گاڏيون ۽ عمده لباس ته خريدي سگهجن ٿا پر ان کي غلط ڪمن ۾ استعمال ڪري ربّ ڪريم جي رضا ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جا حقدار نٿا بڻجي سگهو. ياد رکو! دنيا ۾ هر مشڪل ڪم کي

www.dawateislami.net

آسان بنائڻ جي لاءِ ته شايد اسان جي دولت ڪم اچي سگهي ٿي پر اسان جي بداعمالين جي سبب قبر ۾ عذاب ڏنو ويو ته ڇا اتي به اها دولت ڪم ايندي؟ منڪرنڪير جي سوالن جا جواب نه ڏئي سگهنداسين ته ڇا ان وقت به اسان پنهنجي دولت مان نفعو کڻي سگهنداسين؟ قبر ۾ نانگ وڇوئن حملو ڪيو ته ڇا اسان جي دولت ان کان نجات جو سبب بڻجي سگهندي؟ بروزِ محشر جي هولناڪين ۾ ڇا اسان جي دولت راحت ۽ سڪون جو سبب بڻجي سگهندي؟ ڇا جهنم کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي لاءِ اسان جي دولت ڪم اچي سگهندي؟ نه هرگز نه بلڪ انهن مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اسان جا اهي نيڪ عمل ئي نجات جو ذريعو بڻجندا جن کان اڄ اسان غافل آهيون.

## مان ڪيئن خوش رهان؟

حضرتِ سيدنا عون بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائيندا هئا: ته افسوس! آئون ڪيتري غفلت ڪريان ٿو؟ حالانڪ مون کان حساب ۽ ڪتاب ۾ هرگز وارو ورتاءُ نه ڪيو ويندو، منهنجي زندگي ڪيئن خوشگوار ٿي سگهي ٿي؟ حالانڪ منهنجي سامهون هڪ ڏکيو ڏينهن آهي، آئون عمل ۾ چستي جو اختيار نٿو ڪريان، حالانڪ آئون نٿو ڄاڻان ته منهنجي موت جو وقت ڪهڙو آهي، آئون دنيا ۾ ڪيئن خوش رهان؟ جڏهن ته مون کي ان ۾ هميشه ناهي رهڻو، مان ان کي ترجيح ڇو ڏيان؟ مون کان پهرين جنهن به دنيا کي ترجيح ڏني، دنيا ان کي نقصان پهچايو، آئون ان کي ڇو پسند ڪريان؟ اها فنا ٿي، متجي ويندي، آئون ان جي لالچ ڇو رکان؟ ڇاڪاڻ ته منهنجو گهر ۽ منهنجي سڪون جي جڳهه ته ڪنهن ٻي هنڌ آهي، آئون هن (دنيا جي وڃڻ) تي ڇو افسوس ڪريان؟ ڇاڪاڻ ته خدا جو قسم! آئون نٿو ڄاڻان ته منهنجي گناهن جي سبب مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو.

(حلية الاولياء ، عون بن عبدالله، ۲۸۵/۴، رقم:۵۵۹۳، بتصرف)

## غفلت کان بچڻ جا طريقا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اسان جا بُزرگ سڳورا پاڻ کي غفلت ۽

حرص کان بچائڻ جي لاءِ هروقت فڪرِ آخرت ۾ مشغول رهندا هئا. اسان کي به انهن جي سيرت تي هلندي زندگي ۾ ئي قبر ۽ حشر جي تياري شُروع ڪرڻ گهرجي ۽ غفلت جهڙي بيماري کان نجات جي لاءِ ان جو علاج ڪرڻ گهرجي ڇوته هر بيماري کان بچڻ جي لاءِ علاج جو طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي جنهن تي عمل ڪري شفاء ملي ويندي آهي. اچو! غفلت جهڙي مهلڪ بيماري کان بچڻ جا ڪجهه طريقا (Methods) ٻڌون ٿا ۽ پنهنجي آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ اڄ ۽ هاڻي کان نيت ڪريون ٿا ته اسان غفلت مان جان ڇڏائي آخرت جي تياري جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## (1) دنياوي محبت کان بچڻ!

اڄوڪي دور ۾ نيڪين کان دور ٿيڻ ۽ غفلت جي اونهيءَ کڏ ۾ وڃي پوڻ جو هڪ اهم سبب دنيا جي محبت آهي جيڪا انسان کي حلال ۽ حرام جي تميز وساري نيڪين کان پري ڪندي آهي تنهنڪري پنهنجي دل کان دنياوي محبت ڪڍي ڇڏيو ڇوته اها ئي سڀجي فساد جي جڙ آهي. حضور نبي رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن کي دُنيا جي مَحَبَّت جو شربت پِياريو ويو، اهو ٽن (3) شين جو مزو ضرور چکيندو (١) اهڙي سختي جنهن سان ان جي ٿڪاوٽ دُور نه ٿيندي، (٢) اهڙو حرص جنهن کان اهو غَني نه ٿيندو، (٣) اهڙي خواهش جنهن کي پورو نه ڪري سگهندو. تنهنڪري جنهن دُنيا کي طلب ڪيو، آخرت ان جي مرڻ تائين ان کي تلاش ڪندي رهندي، جڏهن اهو مري ويندو ته اها ان کي پڪڙي وٺندي ۽ جنهن آخرت طلب ڪئي، دُنيا ان کي ڳوليندي رهندي ايستائين جو اهو ان مان پنهنجو پُورو رِزق حاصل ڪري وٺي.

(طبراني ڪبير،عبدالله بن مسعود، ١٠/ ١٦٢،رقم: ١٠٣٢٨،ملتقطا)

مرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## (2) سٺي صحبت اختيار ڪرڻ!

غفلت ڀري زندگي کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ نيڪ ماڻھن جي صحبت اختيار ڪريو ڇوته ان جي برڪت سان اسان کي گناھن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي توفيق ملندي. اڄوڪي دور ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول چڱي صحبت ماڻڻ جي لاءِ ڪنھن وڏي نِعمتِ کان گھٽ ناھي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ھن مدني ماحول جي برڪت سان ھينئر تائين لکين مسلمان گناھن ڀري زندگي ڇڏي نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويا آھن. اسان کي به بري صحبت کان بچڻ گھرجي جو بُري صحبت اسان جي دُنيا سان گڏوگڏ آخرت جي بربادي جو سامان بڻجي سگھي ٿي. احاديث ِمبارڪ ۾ بُرن ماڻھن جي صحبت کان بچڻ جو حڪم آھي. ته پوءِ ھن باري ۾ به فرمانِ مُصطفيٰ پڙھو ۽ عمل جي ڪوشش ڪريو.

1. ارشاد فرمايائون: بُري ساٿي کان بچو ڇوته ھو جھنّم جو ھڪ ٽڪڙو آھي، ان جي مَحبَّت توھان کي فائدو نه پھچائيندي ۽ ھو توھان کان پنھنجو واعدو پورو نه ڪندو. (فردوس الاخبار،۲۲۴/۱، حديث:۱۵۷۳)

2. ارشاد فرمايائون: بُري ساٿيءَ کان بچ جو تون ان سان ئي گڏ سڃاتو ويندي. (يعني جھڙن ماڻھن وٽ انسان جي اٿ ويھه ٿيندي آھي ماڻھو ان کي اھڙو ئي سمجھندا آھن). (ابن عساکر، الحسين بن جعفر بن محمد بن حمدان۔۔ الخ، ۴۶/۱۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) بُزرگانِ دين جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ!

غفلت ۽ گناھن ڀري زندگي کان جان ڇڏائڻ، نيڪين جو پابند بڻجڻ، قرآن ۽ سنت جي مطابق زندگي گذارڻ جو ھڪ طريقو بُزرگانِ دين جي سيرتِ مبارڪ جو مطالعو ڪرڻ ۽ انھن جي سيرت ۽ ڪردار جي مطابق عمل ڪرڻ به آھي، ڇوته اسان جا بُزرگ سڀورا ھر وقت عبادتِ الٰھي ۽ فڪرِ آخرت ۾ مصروف رھندا ھئا، اھڙي ئي ھڪ ھستي جن جي علم ۽ عمل، ڪردار ۽ سيرتِ مبارڪ جو

مطالعو ڪرڻ سان غفلت کان بچي فڪرِ آخرت نصيب ٿيندي آهي اها هستي عالمِ باعمل، صوفي باصفا، حضرت سيدنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مبارڪ ذات ئي آهي جن جو هر لمحو يادِ الٰهي ۽ فڪرِ آخرت ۾ بسر ٿيندو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي علمي شوق ۽ قابليت ۽ صلاحيت سان اهڙا اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا جو سندن تعليمات کان اڄ به عَالَمِ اِسلام مُنور ٿي رهيو آهي، سندن مُبارڪ زِندگي مان اُمّتِ مُسلِمه کي اِطاعتِ خُداوَندي، سُنَّتن جي پاسداري، زُهدو تَقويٰ ۽ ٻيون گهڻيون نيڪ خصلتون اپنائڻ جو جذبو ملندو آهي، اچو! حُصُولِ بَرڪت ۽ نُزولِ رَحمت جي لاءِ سندن مُبارَڪ زِندگي جي ڪجھ مُختَصَر پهلوئن جي باري ۾ پڙهون ٿا.

## نالو، نَسب، وِلادت ۽ وصال:

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي ڪنيت ابُوحامِد، لَقَب حُجَّةُ الاِسلَام (اسلام جو دليل) ۽ مبارڪ نالو محمد بن محمد غزالي شافعي آهي، اوهان ۴۵۰ھ ۾ ايران جي ضلعي طُوس جي علائقي طابِران ۾ پيدا ٿيا. (اتحاف السادة المتقين، مقدمة الكتاب،۹/۱) اِبتدائي تعليم پنهنجي شهر ۾ حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم جي لاءِ (ايران جي اوپرواري شهر) جُرجان تشريف ڪٺي ويا، 473 هجري ۾ (ايران جي قديم شهر) ۾ علم ۾وڌيڪ مڪمل مهارت حاصل ڪئي. (اتحاف السادة المتقين، مقدمة الكتاب،۹/۱) حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي هر تصنيف ئي علم ۽ عرفان جو وڏو قيمتي خزانو آهي مثال طور منهاج العابدين، ڪيمياءِ سعادت، مڪاشفة القلوب وغيره پر اِحياءُالعُلُوم اهڙو ڪتاب آهي جنهن جو مثال ڪتابن ۾ ملڻ مُشڪل آهي اهو ڪتاب انسان کي ”ڪامل انسان“ بنائڻ ۾ بيحد مُعاوِن آهي هر دَور ۾ مَشائخ ۽ عارِف، قطب ۽ اَوليائن، عالمن ۽ صُوفين جي توجُّ جو مرڪز رهيو آهي، آخرڪار امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه بروز سومر۱۴ جمادي الآخر 505ھ بمقام طابران (طُوس) ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو فرمايو ۽ اتي ئي سندن مَزار مبارڪ آهي.

www.dawateislami.net

## مجلس مكتبة المدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي عظيم هستين جي تعليمات کي اُمَّتِ مسلمہ تائين پهچائڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه 1986 ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريک دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جوآغاز فرمايو. دعوتِ اسلامي جي هن شعبي (Department) کان پهريان تہ رڳو بيانات جون آڊيو کيسٽون جاري ٿيون ۽ پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ کرم ۽ رسولِ اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِعنايت سان اهڙي ترقي نصيب ٿي جو مکتبة المدينہ تان سنتن ڀريا بيان، مدني مذاکرا سڄي دُنيا ۾ پهچي رهيا آهن، امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪتابن جو اردو ترجمو، اعليٰ حضرت، اميرِ اهلسنت ۽ المدينة العِلمِيہ جي ڪتاب بہ شائع ڪري وڏي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچايا پيا وڃن.

مکتبة المدينہ جي قائم ڪرڻ جو مقصد ڪاروبار نہ آهي بلڪ سڄي دنيا جي عاشقِ رسولن تائين علمِ دين پهچائڻ آهي.مکتبة المدينہ دعوت اسلامي جو اشاعتي ادارو آهي.هن جو نفعو ۽ نقصان ڪنهن جو ذاتي ناهي بلڪ تنظيمي آهي.عاشقانِ رسول ۽ دعوت اسلامي جي ذميدارن کي گهرجي تہ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ هن جو بستو هڻن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هفتيوار اجتماع ۾ اسان غفلت جي باري ۾ ٻڌو تہ

- غفلت جي سبب انسان علمِ دين کان پري ٿي ويندو آهي.
- غفلت جي سبب انسان پنهنجي آخرت کي وساري ڇڏيندو آهي.

- غفلت جي سبب انسان گناهن ۾ ملوث ٿي ويندو آهي.
- غفلت جي سبب انسان جهنم جي اونهي کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي.
- غفلت جي سبب انسان يادِ الهي ۽ اِطاعت ِ الٰهي کان پري ٿي ويندو آهي.
- غفلت جي سبب انسان هروقت مال ۽ دولت ڪمائڻ جي حرص ۾ مبتلا رهندو آهي.

الله ڪريم اسان کي نيڪ عمل ڪرڻ ۽ غفلت کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو شيخ طريقت اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي رسالي ”101 مدني گل“مان جتي پائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

## جتي پائڻ جون سنتون ۽ آداب

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان جيستائين جتي پائي رکندو آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ

1...مشکاۃ المصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،۹۷/۱،حدیث:۱۷۵

www.dawateislami.net

ڳهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين چنبڙي وٺو تہ جيئن کو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي. ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو ۽ لاهڻ وقت پهرين کاٻو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کاٻي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) **نُزهَةُ القاري** ۾ آهي: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت حڪم هي آهي تہ پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري تہ پهرين کاٻو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهرين کاٻو پير ڪڍي ڪري جتي جي مٿان رکو پوءِ ساڄو پير جتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿي وڃو، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کاٻو پير ٻاهر ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو پائي وٺو. (نزهة القاري ج 5 ص 530) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري. ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيِّدَتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورتن تي لعنت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) بهار شريعت ج 3 حصي 16 صفحي 422 تي آهي: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع (طرز) اختيار ڪري نہ عورت مرد جي. (بهارِ شريعت، حصو16، ص65مڪتبة المدينه) ﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو.﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسڻ ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. ”دولتِ بي زوال“ ۾ لکيل آهي تہ سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، اهو هن جو تخت آهي.

(سني بهشتي زيور حصو 5 ص 601)

www.dawateislami.net

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ **حصو** 16 ۽ 120 **صفحن جو** ڪتاب ”سنتين اور آداب“ ان کان علاوه امير اهلسنت جا ٻه رسالا ”101مدني گل“ ۽ ”163مدني گل“ مکتبة المدينه جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَیِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِي ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ

---

[1]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانی، ص277

[3]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

www.dawateislami.net

پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net